# پارن لاء بائبل
## تحفو



# خُوبصورت
# بيو قوف
# بادشاهه

لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Lyn Doerksen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاپيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

سموئيل، بني اسرائيل جو قاضي ۽ اڳواڻ، پوڙهو ٿيو. هن
پنهنجي پٽن کي اسرائيل جي قاضي طور مقرر ڪيو، خُدا جي
خدمت ڪرڻ ۾ سندس جاء وٺڻ.
پر سموئيل جا پٽ بچڙا هئا.
اهي دولت سان پيار ڪندا هئا
۽ پنهنجي طاقت کي بي
ايماني ذريعي استعمال
ڪندي دولت حاصل
ڪرڻ چاهيندا هئا.



بني اسرائيل جي ماڻهن کي هن جي پٽن جي بدڪاري جي کري مُصيبت ٿيندي آهي. عدالتون نا انصاف هيون. جڏهن به ماڻهن کي مدد جي ضرورت پوندي هئي، ته سموئيل جي پٽن کي پئسا ڏنا ويندا هئا.



ڪجهه ڪرڻو هو. هڪ ڏينهن بني اسرائيل جا
بزرگ گڏ ٿيا ۽ سموئيل کي مدد لاءِ چيو.



"اسان کي ڪو بادشاهه ڏيو ته اسان جو فيصلو ڪري،" بزرگن گُهر ڪي. اهي نه چاهيندا هئا ته سموئيل جا بچڙا پٽ انهن جو انصاف ڪن. انهن کي پين قومن وانگر بادشاهه ٿي گهُريو.





سموئيل ناراض ٿيندو آهي. اسرائيل ۾ اڳ ۾ ئي هڪ بادشاهه
هو، خُدا قادري مُطلق، هڪ ابدي، اسرائيل تي حڪمراني
ڪندو هو. گهڻو وقت اڳ ۾ هن مصر جي غلاميءَ مان ڪين
آزاد ڪرايو، ڳاڙهي سمنڊ ذريعي انهن لاءِ رستو ٺاهيو.



پوءِ هن بني اسرائيل کي
سندن خوبصورت زمين ڏني.

جڏهن سموئيل دعا گهري ته خُداوند فرمايو ته "جيڪي ڪجهه
هي ماڻهو تو کي چون ٿا، سو ٻڌ، ڇو ته هنن مون کي حقير
ڪيو آهي، نه ته تو کي، جو مان هنن جو بادشاهه
نه ٿيان، هنن پين ديوتائن
جي پوڄا به ڪئي
آهي. سندن آواز



ٻڌو ۽ کين
بادشاهه ڏيو."



خُدا سموئيل کي پڏائي ٿو ته
کين خبردار ڪر ته سندن
دنياوي بادشاهه سندن
مال دولت محصول
جي صورت ۾ وٺيندو.
هو پنهنجي لاءِ بهترين
پوک ۽ باغ رکندو. هو
سندن پٽن کي پنهنجي
فوجن ۾ جاءِ ڏيندو. ۽
تنهنجين ڌيئرن کي
حڪم ڏيندو ته هن لاءِ
ڪم ڪن.

پر ماڻهن هر حال
۾ هڪ بادشاهه
چاهيو.





خُدا سموئيل کي هڪ نوجوان ڏانهن
وٺي ويو، جيڪو تمام خوبصورت،
تمام شرميلو ۽ تمام ٻگهو هو.
سندس نالو سائول هو. جڏهن
سموئيل سائول کي ڏٺو تڏهن
خُداوند چيو ته "هي اهو
آهي جيڪو منهنجي
قوم تي حڪومت
ڪندو."



تابعداري سان، سموئيل
سائول کي اسرائيل جي
بادشاه جي طور تي مسح
ڪري ٿو. جڏهن هو
سائول کي بني اسرائيل
جي ماڻهن آڏو پيش ڪري
ٿو، تڏهن اهي رڙ ڪن ٿا،
ته "بادشاهه زنده باد! "

جلد ئي بادشاهه سائول کي آزمايو ويو. عموني، جيڪي اسرائيل
کان نفرت ڪندا هئا، اسرائيلي شهر کي گهيرو ڪيو ۽
ڌمڪايوءَ ته هر ماڻهو جي ساڄي اک ڪڍي ڇڏيندا. ڪيڏو
ظالماڻو منصوبو هو! ڌمڪائڻ جي خبر بادشاهه
ساؤل تائين پهچندي آهي.
هو پنهنجي فوج
تيار ڪري ٿو.





جڏهن به لشڪر ملن
ٿا، سائول عمونين کي
ماريندو آهي ۽ شهر
کي آزاد ڪرائي ٿو.
بادشاهه سائول خُدا جي
واکاڻ ڪندي چوي ٿو،
"خُداوند اڄ اسرائيل
کي نجات ڏني آهي!"

خُدا سائول کي انهي ڏينهن وڏي فتح ڏئي ٿو. پر سائول هميشه خُدا جي عزت نٿو ڪري. هڪ ڏينهن فلستين سان جنگ ڪرڻ کان اڳ، ساؤل خُدا کي قرباني پيش ڪري ٿو. هو چاڙهي ٿو ته اهو سموئيل جو ڪم هو. هن کي اها به خبر هئي ته خُدا چاهي ٿو ته هو سموئيل جي اچڻ جو انتظار ڪري ۽ قرباني پيش ڪري. پر سائول خُدا جي نافرماني ڪئي!





جڏهن سموئيل آيو، تڏهن سائول کي چيائين ته "تو بيوقوفيءَ
سان ڪم ڪيو آهي. توهان پنهنجي خُداوند خُدا جي حڪم
جي فرمانبرداري نه ڪئي آهي. توهان جي
بادشاهي هاڻي
موجود نه
هوندي."

ٿي سگھي ٿو ته سائول سوچيو ته اهو هڪ ننڍڙو گناهه هو. پر خُدا جي نافرماني هميشه هڪ سنجيدو مسئلو رهيو آهي.



هڪ ٻئي موقعي تي، خُدا
سائول کي حڪم ڏنو ته
عماليقن جي بدڪار
ماڻهن کي ماري
ڇڏي. پر سائول
۽ سندس ماڻهن،
عماليقين جي
بادشاھ اجاج کي
جيئرو رهڻ ڏنو. هنن
قيمتي سامان، رڍون
۽ ٻڪريون پڻ
قبضو ڪيون.

سائول چيو ته هن
اهي شيون خُداوند
جي قرباني لاءِ
ورتيون آهن.





سموئيل سائول کي ٻڌائي ٿو ته "فرمانبرداري
قرباني کان بهتر آهي. توهان خُدا جي
حڪم کي رد ڪيو آهي، ۽ خُدا پڻ
توهان کي اسرائيل جي بادشاهي ٿيڻ
کان رد ڪري ڇڏيو آهي. سائول
کي پنهنجي گناهه تي ڏاڍو افسوس
ٿيو. پر هاڻي گهڻي دير ٿي
چڪي هئي." هن جي باقي
زندگي ناخوش هئي
ڇاڪاڻ ته هن خُداوند
جي فرمانبرداري
نه ڪئي هئُي.

# خُوبصورت بيو قوف بادشاهه

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

١ سموئيل ٨ ـ ١٦

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڎوڎئي."
زبور 119: 130

ختم

18

60

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۂ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاء مري ويوۂ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.